فيصل احمد عقيلي

سنڌ جي ماڻهن کان اِها ڳالهه ڳجهي ناهي ته سنڌ جي تعليم جي حالت ابتر آهي ۽ اهو پڻ عام طور تي قبول ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جي سڌاري لاءِ گڏيل طور تي سڀن کي جدوجهد ڪرڻي پوندي ته جيئن تعليم سڌي رستي تي اچي. حڪومت پڻ انهيءَ جي اهميت سمجهي ٿي ۽ اهو به سمجهي ٿي ته تعليم سنڌ جي ماڻهن جي مستقبل لاءِ هڪ بهترين هٿيار آهي ۽ انهيءَ ۾ جيڪي ڏکيايون آهن انهن کي منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ حوالي سان بين الاقوامي ادارا پڻ باخبر آهن، خاص ڪري اُهي جيڪي تعليم ۽ انساني وسيلن جي مد ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

ريفارم سپورٽ يونٽ جو قائم ٿيڻ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ اڳتي قدم هئو جنهن جي ذريعي عوامي تعليم جي کيتر کي بين الاقوامي ادارن جي ساٿ سان سڌاري ۽ وڌيڪ بهتر بنائي سگهجي ٿو.تعليم ۽ خواندگي شعبي حڪومت سنڌ هن مهل تائين صوبي ۾ استادن جي شفاف ڀرتي جاتي دور پورا ڪيا آهن ته جيئن سنڌ جي تعليم کي ايندڙ ڏکيائين کي منهن ڏئي سگهجي، جهڙوڪ، ٻارن جو اڌ ۾ اسڪول ڇڏي وڃڻ، استادن جو غير حاضر رهڻ، شاگردن جوڪلاسن ۾ نه اچڻ پڇي وڃڻ ۽ بند ٿيل اسڪولن کي کولڻ اچي وڃن ٿيون.

تعليم ۽ خواندگي شعبي انهيءَ ڪم کي اوليت تي کنيو آهي ۽ استادن جي ڀرتيءَ جي پاليسي 2012 تي عمل ڪري رهيو آهي ته جيئن نوجوانن کي بهتر طريقي سان اڳيرو ڪجي ۽ يونين ڪائونسل جي بنياد تي کين مقامي طور استاد جي حيثيت سان شفاف ڇنڊ ڇاڻ ذريعي ڀرتي ڪجي ته هو پنهنجون بهتر خدمتون ڏين. جيڪا تحقيق ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرن ۽ سپروائيزرن ڪئي آهي انهيءَ مان اِهو ظاهر ٿيو آهي ته شاگردن جو اسڪول ۾ داخل نه ٿيڻ يا انهي جو اسڪول مان پڇي وڃڻ جو بنيادي سبب استادن جو غير حاضر رهڻ آهي يا محلي يا ٻاڙي يا ڳوٺن ۾ استادن جو نه هجڻ آهي. ورلڊ بئنڪ پنهنجي گائيڊ لائينس ۾ اها صلاح ڏني آهي ته اهڙو نظام ٺاهيو وڃي جنهن تحت استادن جي ڀرتي نيشنل ٽيسٽنگ سروس NTS ذريعي شفاف طور ڪرائي آهي. هر ضلعي جي پنهنجي گهُرج آهر ڪوٽا هوندي ۽ ائين صرف اهي ئي درخواست ڏيندڙ جن جون پنهنجن ضلعن ۽ تعلقن ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون هونديون صرف اُهي ئي استاد ٿيڻ جا حقدار هوندا. سنڌ ۾ تعليم جونظام باقاعدگي سان هلي رهيو آهي ۽ اڄ ميرٽ جي بنياد تي ڀرتيون ٿي رهيون آهن ۽ ڪرپشن کي ختم ڪرڻ جو عمل شروع ٿي ويو آهي. هاڻي اِهو ٻارن تي مدار آهي ته هو پنهنجي تعليم باقاعدگي سان پرائين ۽ لاڀ حاصل ڪن، جيڪڏهن کين هوشيار استاد ملن ٿا ته. اسان جو اهوئي مقصد آهي. ساڳئي وقت اسڪولن جي بين سهولتن لاءِ اسڪول ڪنساليڊيشن پورٽفوليو ڪم ڪري رهيو آهي. اِهو پورٽفوليو کيترن ئي ننڍن ننڍن اسڪولن کي جيڪي ويجها ويجها آهن کي گڏ ڪري هڪ انتظام هيٺ هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، هڪ وڏي اسڪول جي انتظام هيٺ ان قسم جا طور طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا جنهن تحت اسڪولن جو انتظام بهتر ٿئي ۽ هر ڪو لاڀ پرائي سگهي. انهيءَ طريقي سان اسڪولن جا کيترائي مسئلا جهڙوڪ، پاڻي، گندي پاڻي جو نيڪال، ڪلاس رومن جي کوٽ، پٽيون، راندين جا گرائونڊ ۽ اهڙا ٻيا مسئلا حل ٿين ٿا. اهڙي نموني انهي اسڪولن جا مختلف زاوين کان انگ اکر به گڏ ڪيا وڃن ٿا جن جي

ذريعي تمام گهڻي ۽ اهم معلومات حاصل ٿئي ٿي. اهڙن انگن ۽ اکرن کي گڏ ڪرڻ لاءِ آر ايس يو وٽ هڪ پيو پورٽفوليو به آهي جنهن کي سيمس SEMIS چيو وڃي ٿو. (اسڪول ايڊيوڪيشن مئنيجمينٽ انفرميشن سسٽم). سنڌ ۾ هر اسڪول کي سيمس جو ڪوڊ مليل آهي جنهن جي ذريعي اسڪول کي ڳولڻ ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملي ٿي ۽ ساڳئي وقت فنڊ ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي.

هن وقت ان ڪوڊ ذريعي آر ايس يو وٽ سنڌ جي سڀني اسڪولن جا انگ اکر ۽ ڄاڻ موجود آهي. اِها ڄاڻ ساڳئي وقت اسڪول انتظامي ڪميٽي School Management Committee کي ڪم اچي سگهندي آهي SMC ضلعن جي تعليمي آفيسرن کان به ڄاڻ حاصل ڪندي رهندي آهي.

اسڪول انتظامي ڪميٽي شاگردن جي مائٽن، استادن، معزز شهرين، شاگردن ۽ استادن تي مشتمل هوندي آهي. هيڊ ماستر صاحب ۽ بيان سپ صاحب گڏيل طور تي اِهو فيصلو ڪندا آهن ته اسڪول جي بجيٽ ۽ پيا فنڊ ڪيئن ۽ ڪهڙي طريقي سان استعمال ڪجن. انهي سڀني ذرين جي گڏ هجڻ سان ڪرپشن جا تمام گهٽ موقعا ملندا آهن يا ڪرپشن صفا نه ٿيندي. آر ايس يو اسڪول انتظامي ڪميٽين جي ذريعي بجيٽ کي ناهڻ ۽ استعمال ڪرڻ جا شفاف ۽ تيز موقعا ۽ طريقا حاصل ٿي سگهن ٿا.

تعليم کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ آر ايس يو طرفان شاگردن جي ڪارنامن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پورٽفوليو شاگرد جي ڪاميابي يا ڪارنامي لاءِ هڪ ٽيسٽ جو انتظام ڪندو آهي، ان کي ( Standardized Achievement Test- SAT) چئبو آهي.

آر ايس يو سڄي سنڌ جي سڀني اسڪولن جي شاگردن جي ڪلاس پنجين کان اٺين تائين ٽيسٽ وٺندو آهي.

انهيءَ مان اسان کي خبر پوندي آهي ته اسان جو نظام ڪيئن پيو هلي شاگردن جي علم ۾ ڪو چڱو اضافو ٿيو آهي يا نه؟ پڙهائي آهي يا نه؟ ۽ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ ڪهڙيون تبديلون آيون آهن ۽ ڇا ٿي رهيو آهي. انهن ٽيسٽن ذريعي اسان پنهنجون پاليسيون ناهي سگهون ٿا ۽ هلندڙ پاليسين ۾ بهتر تبديليون آڻي سگهون ٿا. ٻيون تنظيمون پڻ انهن نتيجن مان لاڀ پرائي سگهن ٿيون.

انهيءَ ڪرڻ سان اسين پاليسين کي پڻ آزمائي سگهون ٿا ۽ اهو به ڏسبو ته اهي پاليسيون ڪيتريون بهتر ۽ اثر انداز ٿي سگهن ٿيون. انهن پاليسين ۽ ٽيسٽن جا نتيجا حاصل ڪري اسڪولن، ضلعي انتظاميا، شاگردن جي مائٽن کي ڀاڱي ڀائيوار بنايو ٿو وڃي ته هو پنهنجن ٻارن بابت ڄاڻ حاصل ڪن ۽ ان تي وڌيڪ ڪم ڪن، گذريل ٻن سالن کان آر ايس يو بهترين هيڊماسترن کي هر ريجن ۾ سندن بهترين ڪارڪردگي سر انجام ڏيڻ تي انعام به ڏيندو آيو آهي.

هن وقت نياڻين جي داخلا جو مسئلو به اهم بڻيل آهي ۽ ڪين آر ايس يو طرفان ڪلاس پنجين ۽ ڇهين ۾ داخلا وٺڻ تي هر سال ٽي هزار ڇهه سو RS 3600/= روپيا وظيفو ڏنو وڃي ٿو ته جيئن هو داخلا وٺن ۽ ڪلاس ۾ رهن ۽ ڪلاس کي ڇڏي وڃڻ جي ڪوشش نه ڪن پڙهائي ڪن، ڇو ته اِهو قدم ملڪ جي خواندگي وڌائڻ

لاءِ هڪ بهتر قدم آهي. ٻين ڪلاسن جي شاگرديائٽين کي هر سال RS 2400/= ڏنا وڃن ٿا. اِهي پئسا ڪين اي ٽي ايم ڪارڊ يا ايزي پئسا ذريعي ڏنا وڃن ٿا ته جيئن آر ايس يو ۾ انهي جو باقاعدي رڪارڊ رکي سگهجي.

آر ايس يو پنهنجي طرفان وس آهر ڪوشش ڪري رهيو آهي ته سنڌ ۾ تعليم کي سڌاري سگهجي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته عوام ۽ ٻيا سڀ حصيدار ڀرپور ساٿ ڏين ڇو ته سندن مدد کان سواءِ ڪو به نتيجو حاصل نه ٿو ڪري سگهجي

اسان جو شڪايتي شعبو پڻ پنهنجي وس آهر ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪوشان آهي. شڪايتن لاءِ هڪ سولو ۽ بهتر طريقو ڏنو ويو آهي، شڪايت ڪندڙ آر ايس يو سان تعلق رکندڙ ڪنهن به مسئلي بابت فون، اي ميل، خط، ايس ايم ايس ذريعي شڪايت موڪلي سگهي ٿو ۽ جلدئي ڪيس ان جو جواب ملندو ۽ مسئلي حل ڪرڻ جو سعيو ڪيو ويندو.

اسان آر ايس يو طرفان تعليم جي سڌاري لاءِ حت المقدور ڪوشش ڪري رهيا آهيون. حقيقت ۾ ينڊ اجا وڏو آهي، ڪوشش هلي پئي، اڃو، سڀ ساٿ ڏيو ته حل ڪيون ۽ اڳيان وڌون. اسان کي خوشي ٿيندي ته اسان ان رفتار سان هلندي سنڌ ۾ ڪامياب استاد، ليڪ، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان ۽ ماهرپئدا ڪري سگهون جيڪي سنڌ جي ترقي ۾ مددگار ثابت ٿين.

(ليڪ چيف پروگرام مينيجر، آر ايس يو تعليم ۽ خواندگي کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي)